# پاڻي جو بهتر استعمال

## Efficient use of water

وڌندڙ فصلن جي ايراضي، انساني آبادي، صنعتي ترقي وغيره جي نتيجي ۾ ڏينهون ڏينهن پاڻيءَ جي گُهرج وڌي رهي آهي. ان ڪري پاڻيءَ جي بچت ۽ بهتر استعمال هن وقت اشد ضروري آهي. پاڻيءَ جي صحيح زرعي استعمال لاءِ سفارشون هيٺ ڏجن ٿيون:

**1. ليزر ليولنگ:** فصلن جي پوکيءَ لاءِ زمين کي ليزر ليولنگ واري مشين سان سنوت ۾ آڻي پوکي ڪرڻ گُهرجي. ليزر ذريعي هموار ڪيل زمين ۾:

- 25 سيڪڙو کان وڌيڪ پاڻيءَ جي بچت ٿئي ٿي.
- 10 سيڪڙي کان فصلن جي پيداوار وڌيڪ لهي ٿي.
- ٻج جو ڦوٽهڙو پلو ٿئي ٿو.
- ڪيميائي ڀاڻ سڄي فصل کي هڪجهڙو ملي ٿو ان ڪري ڀاڻ جو زيان نٿو ٿئي.
- زمينن ۾ گهٽ پاڻي ڏيڻ جي ڪري سم ۽ ڪلر جو خطرو گهٽجي وڃي ٿو.



**2. واٽر ڪورس پڪا ۽ صفائي:** واٽر ڪورسن کي پڪي ڪرڻ سان پاڻيءَ جي بچت ٿئي ٿي ۽ پاڻيءَ جي وهڪري ۾ بهتري اچڻ ڪري فصل گهٽ وقت ۾ پيرجي وڃي ٿو. فصل کي وقت تي گُهرج موجب پاڻي ملڻ ڪري پيداوار 30 سيڪڙو کان وڌيڪ لهي ٿي. بچيل پاڻيءَ تي وڌيڪ ايراضي پوکيءَ هيٺ اچي ٿي. پڪن واٽر ڪورسن جي نتيجي ۾ سم جو مسئلو به گهٽجي وڃي ٿو. ليڪن پڪن واٽرڪورسن

، ڪچين نالين ۾ ڪسين جي صفائي ۾ ڪاٽي ڪرڻ تمام ضروري آهي، جنهن سان پاڻيءَ ۾ بهتري اچي ٿي.



**3. زمينن جي وَٽ جي بحالي:** مختلف جائزن مطابق سنڌ جي زمينن ۾ نامياتي مادي جي سخت کوٽ آهي، جنهن جي ڪري زمينون سخت ٿيڻ سان گڏ پيداواري صلاحيت وڃائي رهيون آهن ۽ خاص طور تي نامياتي مادي جي کوٽ جي ڪري زمينون وَٽ گهٽ رکن ٿيون جنهن جي ڪري فصلن کي تڪڙا تڪڙا پاڻي ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي، ان مسئلي جي حل لاءِ:

- گهٽ ۾ گهٽ هر ٽئين سال 3 ٽرڪون وٿاڻ جو پاڻ في ايڪڙ زمين ۾ وجهي هرن سان هڪدم ملائي ريج ڪجي ۽ بعد ۾ فصل پوکجن. جنهن سان زمين جي پيداواري صلاحيت وڌي ويندي پاڻيءَ جي فصلن کي تڪڙي گُهرج نه پوڻ ڪري پاڻيءَ جي بچت ٿيندي. ان سان گڏ زمين ۾ سم ۽ ڪلر جو مسئلو به نه ٿيندو.
- وٿاڻ جو پاڻ جتي نه هجي اتي ساون گاهن وارا فصل جهڙوڪ: جنتر، اِڪڙَ، لوسڻ وغيره پوکي گلن تي ورڻ وقت هرن سان گاهه کي زمين ۾ ملائي ريج ڪري زمين تيار ڪري پوکي ڪجي ته ساڳيا فائدا ملندا.

**4. گڏيل ڪريا پوک:** هن طريقي ۾ 2 کان 3 فصل ساڳي زمين ۾ هڪڙي فصل واري پاڻيءَ تي پوکيا وڃن ٿا. جيئنءَ مثال طور ڪرين تي ڪٽڪ پوکي ناليءَ ۾ ڪمند جي پوک، ڪرين تي بصر پوکي ڪرين جي چوٽيءَ تي پينديون ۽ نالين ۾ ڪمند جي پوک وغيره نهايت ئي ڪامياب پوکيءَ جا طريقا آهن. اهڙي طرح سان ويڪرن ڪرين يا بنن تي ولين وارا فصل پوکڻ دوران ولين جي وچ ۾ اُڀيون وڌڻ واريون ڀاڄيون پوکڻ ۽ هيٺان ناليءَ ۾ ڪريي جي سيڪ تي ساوا بصر، ٿوم وغيره پوکي هڪ فصل جي پاڻيءَ تي 3 فصل ڪاميابيءَ سان پوکيا وڃن ٿا.

**5. اونها هر ڏيڻ:** اونها هر نه ڏيڻ جي نتيجي ۾ زمينن جي اندر هڪڙو سخت تهه جڙي وڃي ٿو. جنهن جي ڪري زمينون وٽ گهٽ رکنديون آهن ۽ فصلن کي بار بار

پاڻي ڏيڻو پوندو آهي. ان ڪري هر ٽئين سال زمين کي اونهو هر هٽي اندريون سخت تهه ضرور ٽوڙڻ گهرجي. جنهن سان فصل پلا ٿيندا ۽ پاڻيءَ جي بچت ٿيندي.

آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز
ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ
ICT Agricultural Extension Services Center, Directorate General Agriculture Extension, Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh, Block-F, Shahbaz Building Hyderabad.
Helpline: +92 3111646111 Email: ictagriextensionsindh@gmail.com
www.ictagrisindh.gov.pk